# ساڌ ٻيلي جا گيت

شاعري



رسول ميمڻ

# ساڏ پيلي جا گيت

(شاعري)

رسول ميمڻ

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2019ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ساڌ ٻيلي جا گيت“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميارِي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر **رسول ميمڻ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. رحمت پيرزادو لکي ٿو:

”رسول ميمڻ جي 1979ع ۾ ڇپيل پهرئين شعري مجموعي ”اوشا جي آشا“ کان چاليهه سال پوءِ اڄ 2019ع ۾ سندس شاعريءَ جو هي ڪتاب ”ساڌ ٻيلي جا گيت“ آن لائين ٿي رهيو آهي ته هن جا ڪارا وار چاندي چاندي ٿي چُڪا آهن، مگر انهن چاندي وارن جي پويان سندس اعليٰ شعور جي اُجري ۽ اوچي پرواز ڪٿي پهتي آهي، اهو اوهان ڪي هي ڪتاب ٻُڌائيندو.“

هي ڪتاب ڪنهن اداري پاران ڇپيل ناهي پر رسول ميمڻ صاحب سڪ ۽ پاٻوهه مان سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ آنلائين اپلوڊ ڪرڻ لاءِ رحمت پيرزادي هٿان ڪمپوز ڪرائي موڪليو آهي. سنڌ سلامت سٺ رسول ميمڻ جو ٿورائتو آهي جنهن پنهنجا سڀ ڪتاب سنڌ سلامت کي موڪليا آهن.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## انتساب

رفيق سومري
اشرف آصف مصراڻي
۽
ثناءُ الله ڪوڪر
جي نالي

۽ جيڪي مري ويا
انهن کي
مُئل نہ سمجهو
ڇو جو
اهي دلين ۾ جيئرا آهن.

رسول ميمڻ

# رسول حمزا توف کان رسول ميمڻ تائين

## رحمت پيرزادو

هونءَ تہ ”حب الوطني“ انساني شعور جو هڪ اهم عنصر رهي آهي، انسان تہ ڇا پکي پکڻ ۽ جيت جڻيا بہ پنهنجي اصل ڏانهن اوس واپس موٽن ٿا، مگر ”ليکڪ“ جيڪو بنيادي طرح سماج جو نبض شناس ٿئي ٿو، اهو پنهنجي قوم جي هر فرد جي نمائندگي ڪري ٿو، اُن جي تخليقن ۾ ”وطن ۽ وٿاڻن“ جو ذڪر پڌائي ٿو تہ اُها قوم پنهنجي ڌرتيءَ سان ڪيترو پيار ڪري ٿي. شاهہ لطيف جي مارويءَ کان وٺي داغستان جي رهواسي حمزا رسول جي ڪتاب ”منهنجو داغستان“ تائين، حب الوطني هڪ عالمي موضوع رهي آهي. جنهن جو سحر اسان رسول ميمڻ جي ڪهاڻين، ناولن ۽ شاعريءَ مان بخوبي حاصل ڪري سگهون ٿا. هو هڪ درديلو داستان گو آهي جنهن جي ڪهاڻين ۾ پراسراريت آهي، ڪردارن ۾ نواڻ ۽ پس منظر ۾ وطن پرستي ۽ ديس جا دلفريب منظر هوندا آهن. هو جديد دور جو حرفن مولي ٰليکڪ آهي جنهن ڪي ڪهاڻي، ناول ۽ شاعريءَ سميت مضمونن ۾ بہ فلسفي ۽ آرٽ جي گوناگونيت هوندي آهي. مون کي دعوي ٰآهي تہ مون سندس هر لکڻي پڙهي آهي. سندس پراڻن ڪهاڻي ڪتابن ۽ شاعريءَ جي ڪتاب ”اوشا جي آشا“ سميت مون سندس نوان ڪتاب بہ پڙهيا آهن. هُن جيترو گهڻو لکيو آهي اوتروئي سٺو لکيو آهي.

ڊاڪٽر رسول ميمڻ ڊاڪٽريءَ جي مسيحائي پيشي سان تعلق هوندي قلم جو قدآور ليکڪ بنجي قلم جو مان رکيو آهي. ”منهنجي لاءِ هيءَ دنيا ڪيئن هوندي جي رسول ميمڻ ڪجهہ بہ نہ لکي هان؟“ ان سوال جو جواب اهو آهي تہ ”منهنجي لاءِ هي دنيا جيڪڏهن مڪمل خالي نہ هجي هان اگر هُو ڪجهہ بہ نہ لکي هان، پر بي رونق، ٻُسي ۽ ڇسي ضرور هجي هان. ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي هڪ ڪهاڻيءَ جو هڪ جملو هيو تہ ”هُن جي ماءُ مري وئي، ۽ هُن جي پيءُ ٻي شادي ڪري ڇڏي، ۽ پوءِ هُن کي پيءُ بہ ڪڏهن نہ ملي سگهيو.“ اهڙا جملا شهر جي چوراهن، اسڪولن ۽ بس اسٽاپن تي لڪرائجن تہ سماج سڌري سگهي ٿو. هو ڌرتيءَ جو ليکڪ آ هن جون پاڙون صدين جي سيني ۾ کُتل آهن.

1979ع ۾ ڇپيل سندس پهرئين شعري مجموعي ”اوشا جي آشا“ کان چاليهہ سال پوءِ اڄ 2019ع ۾ سندس هي ڪتاب ”ساڌ ٻيلي جا گيت“ آن لائين ٿي رهيو آهي تہ هن جا ڪارا وار چاندي چاندي ٿي ٻُڪا آهن، مگر انهن چاندي وارن جي پويان سندس اعلي ٰ شعور جي اُجري ۽ اوچي پرواز ڪٿي پهتي آهي، اهو اوهان کي هي ڪتاب ٻڌائيندو. سندس ڪتابن تي سدائين وڏن ليکڪن مهاڳ لکيا آهن، جن ۾ رشيد ڀٽي ۽ امر جليل جهڙا نالا آهن، اتي آئون پنهنجي لاعلميءَ کي ڏيکيندي کي وڏا فلسفا ڇيڙڻ نامناسب ٿو سمجهان فقط ايترو لکندس تہ رسول ميمڻ سنڌ ۾ هڪڙوئي آهي.

# Insomnia

راتِ جي قبرستان ۾
ننڊ جي ٿهن هيٺان،
دفن آهن اکيون.
پنبڻيون بند تابُوت جيان،
هر اک تي وئي بند،
شهر جي دروازن وانگر
سپ خواب تي ويا قيد.
سرڪش غلامن وانگر
رات، ورهائيندي وئي سُڪون
ننڊ جي صورت ۾.
اُجهامندا ويا اکين جا ڏيئا،
هر هڪ مورت ۾
پر منهنجين اکڙين ۾
چڻگون ستارَن جون
چانڊوڪيءَ جي ٽانڊن جيان
دُکنديون رهيون.
رات مري ويل محبُوبا جيان
ٿڌي ٿي وئي.
ننڊ رُسي ويل محبُوبا جيان
اٽڪي ٿي وئي.
رات جي رڻ ۾ رڙ ڪري
مون اوندهه کي چيو:
”ايڏو اوجاڳو!“
هر اک ۾ لهندا ويا پڙاڏا
اوجاڳو..... اوجاڳو...... اوجاڳو............

## اڪيلو پاڳل

مان اڪيلو نہ آهيان
مان هڪ شهر آهيان.
سوين محفلون
هزارين انجمنون
منهنجي اندر ڳالهيون ڪن ٿا.
ڪئي دوست
ڪئي دشمن
ڪئي ظالم ڪٿي مظلوم.
شهر جي ويران رستن تي
ڪٿي توهان کي نظر اچان
مان اڪيلو هوندي بہ
اڪيلو نہ آهيان.
خيالن ۾ جيڪڏهن
ڪٿي مُرڪندو نظر اچان
روئندو ڳالهائيندو نظر اچان،
مان چريو نہ آهيان
مان اڪيلو نہ آهيان.

**منهنجا ٿهڪ**
**منهنجن دوستن سان آهن.**
**جيڪي مون ۾ ويهي**
**ڀوڳ ڪن ٿا.**
**منهنجي هر مُرڪ ۾**
**محبُوبا جو منهن آهي.**
**منهنجن سڏڪن ۾**
**منهنجن ڳوڙهن ۾**
**هزارين مظلوم روئن ٿا.**
**مان ڪنهن چونڪ تان**
**ڪنهن گهٽي يا گهيڙ تان**
**لنگهندو**
**ڳالهائيندو وڃان ٿو**
**تہ اُهو**
**ظالم سان بحث ڪريان ٿو،**
**ڪو مباحثو ڪريان ٿو.**
**منهنجي وجود ۾**
**هڪ جنگ ڇڙيل آهي،**
**مان وڙهان ٿو**
**جسم ۾ لڳندڙ هر گوليءَ تي**
**رڙ ڪري**
**راتين جو جاڳي پوان ٿو.**
**روئان ٿو،**
**پنهنجي هر فتح تي**
**ٽهڪ ڏئي کلان ٿو.**
**پر مان ڇريو نہ آهيان**
**اڪيلو نہ آهيان،**
**منهنجي تنها وجود ۾،**
**آهن سمايل**
**هزارين وجود.**

# ڳوڙها

انتهائي اُجايل ماڻهو جا
ڳوڙها نہ ٺهندا آهن.
پياسي ماڻهوءَ کي
پسينو نہ ايندو آهي.
نديءَ مٿان ويٺل ماڻهو
ڳوڙها اُگهي سگهندا آهن.
مطمئن ٿي روئي سگهندا آهن.
پاڻي جسمن ۾ جڏهن
پيرَن کان وٺي
اکين تائين
پرجي ويندو آهي تہ
ڇلڪي پوندو آهي.
جسم روئندا آهن
تہ پسينو ٺهي پوندو آهي.
ڳوڙها ڳاڙڻ
ڍاول ماڻهن جو
مشغلو آهي.

# وِٿي

مان روئڻ چاهيان ٿو
مون کي روئڻ ڏيو،
ڪجهه گهڙيون اڪيلو ڇڏيو،
ٿورو وقت ڏيو،
ٿوري مهلت ڏيو،
مون کي روزگار جي وچ ۾
ٿوري وِٿي ناهي ڏيو،
مسلسل محنت اندر
ٿوري ساهي ڏيو.
محبتن، نفرتن،
ٿڪن، محفلن،
جسم جي ٿڪاوٽن
۽ دنيا ڀر جي پيڙائن،
سيني جي وچ ۾،
ڪا فرصت جي گهڙي
ڳولهي ڏيو،
مان روئڻ ٿو چاهيان،
مون کي روئڻ ڏيو،
ٿوري مُهلت ڏيو.

# ماحوليات

روشن رات ۾ سُٺو ڪتاب
سياري جو هٿ سيڪي پڙهجي
مان چاهيندس.

اهڙي خوراڪ جنهن سان
دل تي چربي نه چڙهي هجي
مان چاهيندس.

اهڙو ماحول دونهي کان پاڪ
منشيات جي بُوءِ نه سگريٽ سڙجي
مان چاهيندس.

تعليم يافتا ماڻهن جو مُلڪ
جنهن ۾ ڪو به جاهل نه سڏجي
مان چاهيندس.

گهر ٿورو شهر کان ڏُور
جنهن ۾ امن سان رهي سگهجي
مان چاهيندس.

ٻيلا جن ۾ جانورن کي تحفظ،
نه گلاب پٽجي، نه وڻ ڪٽجي،
مان چاهيندس.

ڪائجي ٻن ويلن جي ماني،
ناشتي ۾ محبوب جو ديدار ڪجي،
مان چاهيندس.

## آفتون

دنيا هڪ هئي
ڪو زلزلو آيو،
ٽُڪر ٿي وئي
۽ مُلڪ ٺهي ويا.

ماڻهو گڏ هيا
هڪ ٻئي سان
مليل هيا
ڪو طوفان آيو
۽ وچڙجي ويا.

چَمڙين جو رنگ
ساڳيو هيو
هر عضوو
هڪ جهڙو
ڪو وبائي مرض ڦهليو
۽ بدلجي پيا.

هاڻي
جيڪا ڌرتيءَ جون
لڪيرون ڌوئي
ماڻهن کي گڏي
هڪ ڌاري ۾ وهائي
لوڙهي وجي نفرتون
هڪ اهڙي ٻوڏ جي ضرورت آ.

## تنهنجي اک جو منظر

پنبڻين جي هُن پارِ
ڪارنيا جو سج لهي ٿو،
لهرون لهرون تنهن اڳيان
لُڙڪن جو ڪو سمنڊ وَهي ٿو.
تنهنجي ننڊ ۾ رات سمايل
اک ڪُلڻ سان ڏينهن ٿئي ٿو.
ڪيڏي آ آلاڻ اکين ۾
ڪيڏي آ لالاڻ اکين ۾-
شايد شفق جو چانورو آهي،
جو تنهنجي اک جو تورورو آهي،
هر سج ۾ سمايل سهڻا
تنهنجي آئرس جو رنگ
پوري ڌرتيءَ جو گولو آ
تنهنجي اک جو انگ،
پر هيءُ لُڙڪن جو
طوفان ڇو آهي؟

**هر قطرو حيران ڇو آهي؟**
**ڪيڏا ڪُن آهن اُن ۾،**
**جن ۾ ڪئي ٻُڏا آهن،**
**وري ڪو نہ وريا آهن،**
**سڀ اُن تي ڇريا آهن.**
**اُن ڪيڏا ماڻهو ماريا،**
**پر نہ اُهي هاريا،**
**چير چير سڀ هائيون**
**اکڙيون ڪيڏيون لوڙائيون**
**زخم ڏوئن ٿيون ڳوڙهن سان،**
**پر پرين تون روئجانءِ،**
**ڇهڪ ڇُمي تون ڌرتيءَ جا**
**اُن جي ڇاتي ڌوئجانءِ.**
**هر آلاڻ**
**هي لالاڻ**
**۽ آئرس جي نيراڻ**
**هر انقلاب هر حياتي**
**هر زندگي هر مماتي**
**هيءَ ڌرتي ۽ انقلاب**
**تاريخ جو ڪوئي بہ باب**
**پر جيڪي دنيا اندر آهي**
**تنهنجي اک جو منظر آهي.**
**..............................................**

**اک جي پتليءَ اڳيان گول شفاف پردو Cornea**
**اک جي پتلي: Iris**

## Metamorphosis

**کا نئين ڳالھ ڪريو**
**چڙيو پراڻي چنڊ کي**
**ستارَن جي ڪنڊن مان**
**نڪري اچو ٻاھر**
**ڌرتيءَ جي ڌوڙ کي**
**نئون ڪو رنگ ڏيو،**
**کا نئين ڳالھ ڪريو.**
**تنگ ٿي وياسين**
**سج جي گولائيءَ مان**
**تيز اُس مان**
**ساڳي روشنيءَ مان**
**پيلي زرد چانڊوڪيءَ مان**
**کا نئين ڳالھ سوچيو.**
**جيڪر سج مستطيل ھجي،**
**ستارا مختلف رنگن ۾ اُڀرن،**
**اُس کي بدلائي وجھون،**
**چانڊوڪيءَ کي**
**نئون ڪو نانءُ ڏيون،**
**چڙيون ذھن مان سوچڻ،**
**پوري جسم سان سوچيون،**
**ساھي ڏيو ڪجھ**
**انقلاب جي ڳالھ کي،**
**ترسو ٿوري دير**
**ڪٿي ويھون،**
**۽ منزل تي پھچي وڃون،**
**اُٿو ھلون،**
**پُٺيءَ پير گھُمون-**

**اکيون کڏي چڙيون،**
**چپ سُبي،**
**ڪن کڻي چڙيون،**
**نوان ڪي حواس**
**پيدا ڪريون،**
**نئون ڪو منظر**
**نئين ڪا لذت،**
**ڪي نوان ذائقا**
**ٻيا ڪي چپ،**
**نيون ڪي زبانون،**
**چڙيون ساهہ کڻڻ.**
**ڏاڍو سهڪي پيا آهيون**
**نئون ڪو ساهہ پيدا ڪريو،**
**ڪا نئين ڳالهہ ڪريو.**

# سچ ۽ ڪوڙ جي وچ تي

چا سچ آ
چا ڪوڙ آ،
رڳو ڌوڙ ئي ڌوڙ آ-
ڪوئي انت آ انقلابن جو؟
رات بنا خوابن جو،
ڪلھہ جا غدار،
اڄ جا هيرو،
چا آسمان ڪلھہ هو هيٺ،
اڄ آ نيرو؟
ڪلھہ جا هيرو
اڄ جا غدار،
ڇڻ ڪاري اوندھہ
چنڊ جا وار.
ڪوئي انت آ نظامن جو؟
محبُوب بنا شامن جو؟
جيئن آ جيڪو آ
سچ آ،
چا باھہ بنا مچ آ؟
پر تو وٽ ساڳيا گورباچوف،
دوستو فسڪيءَ وارا خوف.
ماٺ ڪي بيٺي مُلڪ ۾ تنهنجي
ڪيڏو وقت ٿيو.
هوش ۾ آئي سوشلزم
مرگهيءَ ڪان پو
منهنجا پيارا گورڪي،
تنهنجي ٿاهيل ماءُ
رات مئي،
واريءَ جي ٺهيل ڇڻ تہ هئي.

**هُوءَ جيڪا وڏڪا پياريندي هئي،**
**ماريندي هئي، الئہ جياريندي هئي.**
**تنهن ڪيڏا پُٽ ڇٽيا ها**
**تنهنجي ناول جا صفحا،**
**مون ڪي وٽيا ها،**
**پر پوءِ بہ سچ ڪي ڪوڙ چئي**
**يا شايد ڪوڙ ڪي سچ چئي،**
**ماريو ويو آ-**
**تڏهن تہ اسٽالن جي قبر مان**
**ٽرانسڪي ڇرڪ ڀري جاڳي پيو آ.**
**ڪير هيرو**
**ڪير غدار،**
**هر انقلاب ڪي پنهنجا ڄار.**
**ڪهڙيون منزلون**
**ڪهڙا نظام!**
**محبوبن سان ملڻ لئي**
**رستا جام.**
**جت چپ چپن سان جُڙندا**
**اُت ئي ماڻهو مڙندا.**
**انقلاب محبوب جي ڳلن تي ڳوڙها**
**جيئن هڪ ٻئي پويان ڳڙن ٿا.**
**سچ**
**مان اهي نيڻ ۽**
**اهي مون ڪي ڏسن ٿا،**
**منزل**
**هن جي ۽ منهنجي وچ ۾**
**سوڙهي ٿي وئي آ،**
**سوشلزم**
**منهنجي ماءُ جيان**
**پوڙهي ٿي وئي آ.**

## ظلم

**ظلم مادي شين جيان**
**دنيا ۾ رکي ٿو وجود،**
**جيئن باهه، پاڻي، هوا**
**آهي ڌرتيءَ تي موجود.**
**دنيا جي تخليق سان گڏ**
**ٿي ان جي ابتدا،**
**هر انسان جي موت تي**
**ٿيو بي انتها**
**ڪروڙها صدين تي ڦهليل.**
**”وجودن جي ويڙهه.“ ***
**جنهن ۾ آهي سمايل،**
**تنهنجي منهنجي بقا.**
**حالتن جي دائري ۾،**
**ان بدلايا هن ڪيترا روپ،**
**ڪيڏي ڀيانڪ آهي**
**ظلم جي بہ ارتقا**
**ڪٿي ڳُٺي ٿي؟**
**ڪٿي رُڪي ٿي؟**
**اهڙي ڪا حڪومت**
**اهڙو ڪو نظام**

دنيا جي تختي تي ڪوئي نظام،
صدين جي سفر ۾
(اڄ ڏينهن تائين)
آهي ڪوئي
روڪي سگهيو ان کي
وساري سگهيو اُن کي.
انقلابن تي ايندڙ
انقلابن کان پوءِ
ميساري سگهيو اُن کي،
ظلم خدا جيان ته نه آهي
جو فنا نه ٿيندو،
وسري ويل تاريخ جا
پنا نه ٿيندو.
اميدُن جي سهاري
پوءِ به جيئڻو آهي
انسانن جي فنا کان اڳ
ظلم فنا ٿيڻو آهي.
اهڙو وقت به ايندو
جڏهن ڌرتيءَ جي ظالمن کي
ڪيو ويندو ناس
تيستائين صبر
اُميد ۽ آس.

.............................................

* Struggle for existence.

## ڏينهن جو چنڊ

**ڏينهن سج مان**
**گرم چانديءَ جيان**
**رجي ڌرتيءَ تي ڪري ٿو.**
**ڪوئي پکي**
**ٻرندڙ ڌوپ ڪان بچڻ لئي**
**منهنجي پاڇي جي**
**چوگرد ڦري ٿو،**
**اُڏري ٿو ڪِري ٿو.**
**اوڻويهين تاريخ جو**
**اُداس چنڊ**
**ٽاڪ منجهند جو**
**بيٺو آهي ڪڙيو**
**اولهه طرف،**
**جيئن ڪو واريءَ تي لڪيل**
**هوا جو ميٽايل حرف،**
**جيئن ڪو چنڊ جو آهي لاش،**
**ڪرڻا ڪٽي ڪُلهن تي جنهن ڪي**
**ڪن ٿا اونداهي قبر تلاش،**
**جتي هُو پورجي جرڪي پوي.**
**ڏينهن جو چنڊ**
**ٻي ويو جنهن جي**
**پيلاڻ ڪي ڪوئي.**
**چاندوڪي هيڊاڻ ڪي ڪوئي.**
**شايد رستو ڀُلي پيو آهي.**
**گهاءُ ڪائي ڏينهن ڏٺي جو**
**شهر جي چوواٽي تي**
**ڪري پيو آهي.**
**ڏينهن به ڪيڏو ظالم آهي،**

**درٻاري ڪو عالم آهي،**
**روشنيءَ جو دعويدار ٿئي**
**ڪيڏا قهر ڪرائي ٿو،**
**پنهنجن ڪوڙن دلاسن تي**
**ڪيڏا ڪُونتر ڪُهائي ٿو.**
**ڏينهن ڏٺي جو اُپ جي**
**چوواٽي تي چنڊ جو لاش پيو آ.**
**اُداس نہ ٿيو اي ستارو!**
**چوڏهينءَ ۾ چا وقت بچيو آ**
**چنڊ کي روشن ٿي آخر**
**اونداهيءَ ۾ اچڻو آ،**
**امن جي چانڊوڪيءَ ۾**
**ماڻهوءَ ماڻهوءَ نچڻو آ.**

## زندانُ

زندانَ جي اولهہ واري پٽ تي
روز ٻاڪ ڦٽيءَ جو
تنهنجو پاڇو نهي ٿو.
پاڇو جو هڪ دريءَ جي
صورت ۾ آهي.
تنهنجي مُرڪندڙ
موت ۾ آهي،
آءٌ اُن مان دنيا ڏسان ٿو،
روشن ڏينهن جي اُس ۾
آزاديءَ ڪي اُڏامندو ڏسان ٿو.
آزاد هوا،
تنهنجي منهن سان گسندي
مون تائين پهچي ٿي.
ظُلم جي ڳجهہ
آڪاش ۾ اُڏي ٿي.
سمنڊ جون لهرون
ڪنارَن سان مٿو ٽڪرائن ٿيون،
زندانَ جي هڪ پاسي
جهنگلي گُلن جون وليون
لهرائن ٿيون.
پر اُهو سڀ سانجهيءَ تائي آهي!
تنهنجي پاڇي پويان
سج لهڻ تائين آهي.

هڪ ڏينهن
آءٌ تنهنجي پاڇي مان
ان جي اوجهل ٿي وڃڻ کان اڳ
زندان مان ٽپو ڏئي
فرار ٿي ويندس.

# رات

**رات سپنو ٿنو ستاري جيان،**
**چهرو چٽڱن جي صورت ۾،**
**وکري ويو انڌاري ۾.**
**چوٿين تاريخ جو چنڊ**
**مُرکي پيو**
**آڪاش جي چپڙن جي**
**صورت ۾.**
**جاڳ منهنجي**
**چرڪ ڀري اُڏامي وئي،**
**بادلن جيان.**
**ياد تنهنجي**
**ماڪ جي صورت ۾**
**منهنجي اکڙين کي**
**چُمندي رهي.**
**وسيهر جيان ڪنڌ ڪٽي**
**اپرندڙ باک جي ڏنگ کان**
**ڦهلجي وئي نيراڻ**
**هر عڪس ۾،**
**هر شيءِ ٿي وئي غروب**
**روشنيءَ جي قبر ۾.**
**بس هڪ تنهنجي صورت هئي،**
**جا واضع ٿي وئي.**

## دستانا

منهنجي سامهون واري هينگر ۾
ٽنگيل آهن ٻہ دستانا
دُعا واري انداز ۾.
يا خدا!
انهن ۾ آهي خوشبوءِ
ٻن پيارن هٿن جي،
تن جي ڏهن ئي آڱرين جو اشارو
آهي تو طرف،
يا خدا!
ڪنهن ڏانهن آڱر کڻڻ ڏوهہ آهي،
آءٌ ڄاڻان ٿو.
دنيا ۾
(*) هڪ آڱر کڻڻ سان ڪنهن ڏانهن
ٽي آڱريون پاڻ ڏانهن
اشارو ڪنديون
محسوس ٿينديون آهن.
پر سامهون
سڀ آڱرين جو اشارو آهي
تو ڏانهن،
يا خدا!
مان دستانن جي
ميري ٿي وڃڻ کان اڳ
انهن کي
ويڙهي بند ڪرڻ چاهيان ٿو.

(*) سُقراط

## نظم

**پُراڻي پيار جا پاڇا، پَري ڪان ايئن پيا پَسجن،**
**جهوني مسجد، ٻڙ جو وڻ، اڱڻ ۾ پن پيا اُڏرن.**
**جهَنگلي گُلن جي ولين ۾، ويڙهيل ميرانجهڙو مندر،**
**تنهنجو منهنجو مُجسمو، پيو هو تنهن جي اندر.**
**بارش پڳل ڪنڊر اڱيان، پسيل پکسرو پيچرو،**
**قدمن جي آواز تي ڪبوتر آڪيري مان اُڏري ويو.**
**پُراڻو ڪتاب، رڪيل رابيل، گوري تنهنجا گجرا پائي،**
**خوشبوءِ بدلجي شراب ۾، وجود کي ڇڏيو واءُ ٻڏائي.**
**ڪيسوڦل جي ڪريل پتن تي، ويهي مون جي گيت لکيا،**
**تنهنجي وجود جي واءَ ۾ خوشبوءِ بڻجي اُڏري ويا.**
**ڪلرائين قبرُن مٿان، رُوح جيان اُڏرندڙ يادون،**
**سي سپ اگر بتي، دونهون ۽ واءُ ۾ بدلجي ويون.**

## مان

نہ آهيان جي وجود ۾
مان آهيان.
مان آهيان نہ آهيان
ڪنهن جي صورت ۾
ڪو خيال تہ نہ آهيان
سوچيان ٿو
شايد آهيان.

## وڻ

وڻ
هيٺان
انتظار،
وڻ
اڳيان
اظهار،
وڻ
پويان
اقرار.

## او ڊڪٽيٽر!

او ڊڪٽيٽر!
تنهنجي ڇاتيءَ تي سجايل
شجاعت جا ستارا ڏسي،
مون مٿي ڏٺو-
آسمان ڪيڏو نہ ويران هيو.

## راز جي ڳالهہ

تو راز جي ڳالهہ
سڀني ڪَن ۾ ٻُڌائي،
ڪهڙو ڪَنُ
ناراض ٿي ويو.

## مُئل سج

سج
اُن ڏينهن مري ويو
جنهن ڏينهن
اُن کي
طلوع ٿيندي،
ڏسڻ وارو
سمنڊ ڪناري
موجود نہ هيو.

## مُلان ۽ عاشق

عاشق جي
سيني تي وار ھيا،
۽ مُلان جي ڪاڏيءَ تي،
مُلان ڪاڏيءَ تي ھٿ ڦيريو
۽ عاشق سيني تي.

## ٻہ رايا

گپ مان لنگھڻ ڪان اڳ
ڪنھن چيس:
”پانچا مٿي ڪر.“
ھُن ڪف مٿي ڪيا،
پوءِ ڪنھن کي بہ
پانچا مٿي ڪرڻ جي
ضرورت محسوس نہ ٿي.

## جل ڦوٽو

جل ڦوٽو
ڦاٽندو آھي تہ
پاڻيءَ مٿان
نشان نہ ڇڏيندو آھي.

## پر هو بچي ويو

شاديءَ کان اڳ
هُن جو قتل
يارنهن انسانن جو
قتل هجي ها!
پر هُو بچي ويو،
چو جو ڪيس
ڇهہ پُٽ ۽
چار ڌيئون ڄايون.

## شهر جا روڊ

شهر جا روڊ
اخبار جي صفحن جيان هيا،
مان لنگهندو ويس،
۽ پڙهندو ويس،
اخبار
ڳاڙهي مس سان
ڇپيل هئي.

## ست سوچون

دماغ ۾
سوڙهه ڪري
رات
ست سوچون
ساهه گهُٽجڻ سبب
فوت ٿي ويون،
مون انهن جا جنازا
ڪاغذن ۾ دفنائي ڇڏيا.

## ڪٽيل وڻ جي پاڙ

ڪٽيل وڻ جي
پاڙ وٽ
پيل ڪهاڙي،
پاڻيءَ سان
ڪٽجي وئي.

## پنج منٽ خاموشي

ڪمري ۾ ڳالهائيندي
پنج منٽ
خاموشي اختيار ڪئي سين-
ڪُنڊ ۾ پيل پڃري اندر
پکي ٻولڻ لڳو.

## انتظار

**ظالمن**
**دهشتگردن**
**لوفرن، قاتلن،**
**سان ڀريل شهر ۾**
**صرف هڪ**
**شريف ماڻهو آهي**
**جنهن جي ڇمڻ جو**
**شهر کي**
**شدت سان انتظار آهي.**

## خدا کي سڀ خبر آهي

**خدا کي**
**سڀ خبر آهي ته**
**شيطان ڇاڻي ٿو**
**اڳتي هلي وقت**
**ڪهڙا ڪُڌا ڪم ڪرائيندو،**
**ڇو جو**
**شيطان جو مالڪ**
**به خدا آهي.**

## ڊائيننگ ٽيبل چوڌاري ويٺل

ڊائيننگ ٽيبل چوڌاري ويٺلن مان
ڪاٺ ڪٽي جهڙي
ڏکي نڪ واري مهمان ڏٺو
ڪاڏي جي هر شيءِ لاجواب هئي
سواءِ ڊائيننگ ٽيبل جي.
جنهن جو ڪاٺ سٺو نہ هو.

## لفظن جي خيرات

جڏهن خاموش هجان
تہ سمجهي وڃ
اي ڪوي!
منهنجو رُوح
تنهنجي چائنٺ ٻاهران
گهڻيءَ ۾
لفظن جي خيرات لئي
پڪي رهيو آهي.

## پارڪنسنز

ڪوڙي سامهون
ڪنڌ لوڏي رهيو هيو-
ويچارو ٻُڌندڙ
شايد
”پارڪنسنز“ جو مريض هيو.

## منڊو ڏيڏر

منڊو ڏيڏر
پنڌ ڪري،
چئن ٽنگن سان
جمپ ڏئي.

## گج جو ڦوٽو

سمنڊ جي
مٿاڇري جي ڇاڻ
گج جو
ڦوٽو آهي.

## سيٺ

هزار جي
نئن نوٽن ۾
هڪ پُراڻو نوٽ
ايئن هيو
جيئن ڪو سيٺ
خساري ڪان پوءِ
مُفلس ٿي ويو هجي.

## هڪ ليڊر

هڪ ليڊر
ماڻهن جي وڏي
هجوم وارين
تصويرن اڳيان
تقريرون ڪندو هيو-
هڪ ڏينهن
واقعي ٻہ مُلڪ جو
سربراھ ٿي ويو.

## رومال

رومال
جنهن تي
سنهي سوئيءَ سان
دل اُڪريل هئي،
اهو هُن
زخم کي ويڙهيو.

## طوطي جي زبان

ٻليءَ جي پڪڙڻ کان پوءِ
طوطي جي رڙ تي
زبان جي ڇُهنب ۾
چڪ پئجي ويو.

## ساري رات

ساري رات
سج جو انتظار ڪندي،
ڪنول اوجاڳي ڪان
اسر جو
اوٻاسي ڏئي ٽڙي پيو.

## مُفڪر

تڪڙ ۾
مُفڪر جي من ۾
ڪو خيال آيو،
هو تڪڙ ۾ اُٿيو ۽
ان ڪان اڳ جو
خيال وسري وڃي،
هُن تڪڙ ۾ مس مان ڪلڪ ٻوڙي
پني تي محفوظ ڪرڻ پئي چاهيو،
افسوس ڪپڙي خشڪ هئي،
ڪلهه تڪڙ ۾
هن ڪان ڍڪ ڏيڻ وسري ويو هو.

## ڪليل در جو انتظار

دريون
ڪمرن جون
اکيون هونديون آهن.
ڪنهن جون کُليل
ڪنهن جون بند.
جنهن ڪمري جي
هڪ دري کليل هئي،
۽ ٻي بند-
ان ڪمري جو در
ٻانهن جيان ٽاق کولي
ڪنهن اچڻ واري جو
انتظار ڪري رهيو هيو.

## ٻاهر نڪاءَ ٿيا

ٻاهر نڪاءَ ٿيا
دهشت مان اُٿيو
ڪيس کو هٿيار نہ هيو،
مايوس ٿي
هن آگَرين مان نڪاءَ ڪيا.

## رڍ جون هڏيون

انگريزن جي زماني ۾
ڪاڌل رڍ جون هڏيون
اڄ بہ
پيڳل بنگلي جي ڪُنڊ ۾
محفوظ آهن.
خبر نہ آهي ڪيئن
ڪُتن کان
محفوظ رهيون.

## نيمَ

ڳالهہ
ٺارٽي پوندي آهي-
ميڻ بتي
ٻنهي پاسن کان
ٻري سگهي ٿي پر
هڪ پاسي کان
ٻارٽي پوندي آهي.

## پڌر اڪيلو هيرڻ

پڌر اڪيلو هيرڻ
منهن ۾
پوندو چڻ-
پڻ
پنج آڱريون
ڪليل تريون
پويان مزار پير
منهن لڪائي
مونن ۾
ويٺل هڪ فقير.

## ٻن جي اهميت

هڪ جي اهميت آهي
پر
ٻارنهَن لاءِ
ٻن جو هجڻ
ضروري آهي.

## مڪڻ جهڙا ماٺهو

مڪڻ جهڙا ماٺهو
ٿوري گرميءَ تي
اصليت
بدلائي ويهن ٿا.

## مخالف هٿ

نہ سچو هٿ
هٿ ۾ ڏئي
هلي سگهبو آهي،
نہ ڪيو هٿ
هٿ ۾ ڏئي
هلي سگهبو آهي-
گڏ هلڻ لاءِ
مخالف هٿن جو هجڻ
ضروري آهي.

## اُجايل

اجايل ڪي
ڪاڏي جي هوٽل اڳيان
فٽ پاٿ تان لنگهندي،
وات ۾
پاڻي ڀرجي آيو،
اُن ڀڪ ڀريو
سندس ٻُڪ وڏي وئي.

## ٿوهر جا جراثيم

جنهن ڪي
گلاب سنگهڻ سان
ڇڪ اچي،
سمجهي وجون
ان مٿان
ٿوهرَ جي جراثيمن
حملو ڪيو آهي.

## جڏهن برف ڳرندي

جڏهن
برف ڳرندي
ته اسان ٻئي
ساڳي نديءَ مان
پاڻي پيئنداسين.

## ڪاسائيءَ جو نڪ

بغير ڇُهنب واري
ڇُريءَ جو تصور
ايئن آهي جيئن،
ڪاسائيءَ جو
نڪ ڪٽيل هجي.

## گهوڙن تي شهزادا

جڏهن
شرابخاني مان نڪتس
ته پويان
گهوڙن تي پهتل
شهزادَن لاءِ
هڪ بوتل بہ نہ هئي،
ڪين ساقيءَ چيو:
”انتظار
انگورن جي موسم
ايندڙ سال.“

## ڪنٽراسٽ

صحت جو
حد کان وڌيڪ
خيال ڪرڻ سان
ڳٽا
ٻڪل ٽماٽن جيان
ڦسي پوندا آهن.

## جوئا کيڏڻ حرام آهي

فوجي جوئا کيڏندا آهن
هارائيندا آهن
يا کٽندا آهن.
جڏهن سمجهندا آهن
ته جوئا کيڏڻ حرام آهي،
ته اهي
صلح ڪندا آهن.

## مينهن کان پوءِ موسم

مينهن کان پوءِ موسم
کيڏي نه خوشگوار ٿي وئي
پر
ملاقات لاءِ
دير سان اچڻ جو ڏوهه
موسم کي ئي ڏنوسين.

## شرط

مون سان شرط رک
جيڪڏهن تون کٽيندينءَ تہ
مان هارائيندس،
۽ جي مان هارائيندس
تہ تون کٽيندينءَ،
پر مون کي پڪ آهي
تہ اهڙي شرط
تون ڪڏهن بہ نہ کٽيندينءَ!

## منهنجي سالگرهہ تي

منهنجي سالگرهہ تي
مينهن وسي پيو.
ٻيڪريءَ واري
وڏ ڦُڙي ۾ در کڙڪايو،
مون ڪيڪ وڍندي
کيس مبارڪ ڏني.

## ڪاٺ جي پيٽي

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾
هُن کان سڀ وسري ويو
سواءِ
ڪاٺ جي پيٽيءَ جي،
جنهن جي اونده ۾
چڻ ٻاڻ سُتل هيو.

## گريبان جو چڳل بٽڻ

بدمعاش کي
سندس
چڱائيءَ جي صلي ۾
گريبان جو
چڳل بٽڻ ئي
انعام ۾ ڏئي سگهجي ٿو.

## ڪمند جي پوک مان

ڪمند جي پوک مان لنگهندي
پوڙهو
ڪاوڙ مان ڏند ڪرٽي نہ سگهيو-
ڇو جو
ڪيس ڏند هجن ها تہ
ڪاوڙ نہ
ڪمند کائي ها.

## خوشيون

گهر جا در بند هيا
۽ خوشيون
چائنٺ تي ويٺل
پوڙهيءَ جي اڳڻ ۾
چاڀين جيان
ٻڌل هيون.

## قاتل جي شهر ۾

قاتل شهر جي
ظالم گهٽين ۾
ڪو ڪنهن جو
هٿ هٿ ۾ ڏئي
وفاداريءَ جو اظهار ڪري ٿو ته
ان جي ڳالهه
ڪتي جي ڀئونڪ ۾
بدلجي وڃي ٿي.

## ڪاٺ جو چهرو

تنهنجي ڪاٺ جي چهري ۾
اکين جا آکيرا آهن،
جڏهن اکيون آنا ڏينديون
۽ نظر ڦُٽندي
ته اُها اُڏامي
اهڙي پناهگاهه ڳولهيندي
جتي باهه جو وجود نه هجي.

## بازار

بازار ۾
هُن هڪ مردو وڪيو
ڪيس هڪ مُردي عيوض
ٻه مُردا مليا،
ڀِريون مُردو پاڻ هيو،
ٻه مُردا
هن جا قاتل.

## ڳوڙهن جي گواهي

مون ڳوڙهن کي
گواهه بنائي
سمنڊ کي دانهن ڏيڻ چاهي،
منهنجا ڳوڙها
اکين مان وسي
نديءَ ۾ ڪريا،
پر اهي
سمنڊ تائين پهچي نہ سگهيا.
ٿڌڙ ڏيمن ڪري
ندي خُشڪ ٿي چُڪي هئي،
اک مان ڳوڙها وهندا رهيا.

## اي سک جي ننڊ سمهندڙ

اي سک جي ننڊ سمهندڙ
تون مون ڏي
خواب ۾ جيڪو خط لکيو هيو
اهو توکي
جاڳ ۾ موٽي ملندو.
ان ڪري تہ
توکان وڇڙڻ کان پوءِ
هڪ رات بہ سمهي نہ سگهيو آهيان،
پوءِ خواب ۾ اهو خط
ڪيئن وصول ڪري سگهان ٿو؟

## Twilight Zone

ان وقت ملنداسين
جنهن وقت اونداهي
۽ روشني پاڻ ۾ ملندا.
جيئن منهنجي ڪوجهائپ
لڪيل هجي ۽
تنهنجي سهڻائپ
حاوي نہ هجي.

## جيونُ

هُو ٻار هيو
ٻوڙيو
تہ سندس منهن
پگهر سان
شل ٿي ويو،
رومال ڪڍي
چهرو اگهيائين تہ
سندس نقش ڌهي ويا،
هُو جوان ٿي پيو،
جُوانَ همبستري ڪئي تہ
سندس منهن
پگهر سان شل ٿي ويو،
رومال ڪڍي
چهرو اگهيائين تہ
سندس نقش ڌهي ويا
هُو پوڙهو ٿي ويو-
پوءِ برف جي واديءَ ۾
ڪيس ڪڏهن پگهر نہ آيو،
سندس رومال
ڪفن ٿي ويو.

## منزل جي ڳولها

منزل جي ڳولها
ڪنهن وسيع ڪوهستان ڪان پوءِ
ڪو در نظر آيو-
مون اڳتي وڌي
در کي کوليو
ڏٺي پاسي
هڪ اڻ کٽ ريگستان هيو.

## تجربو

پنجاهه
سالن کان مٿي
زندگيءَ جو تجربو
موت لاءِ
ڪافي آهي.

## تون ئي منهنجي جواني

ٿي اُڏامي تنهنجي ياد
ڪنهن وساميل رک جيان-
رَڪي رَڪي ٿي چٽنگ ڏُکي
ڪير ڇُهي ٿو نيٽن سان.
تن ۾ ڪائي تند ڏکي،
وقت لنگهيو ڇڻ واٽن تان.
اتي ڏوڙ جو پهرو آهي.
وسريل ياد جي ڪوهيڙي ۾،
ڪيڏو دونهاٽيل چهرو آهي.
واءُ وري ٿي واريءَ تي،
۽ ٺهي ڊهن ٿا تنهنجا نقش.
نيڻ نماڻا مرگهہ جيان،
رُج سموري تنهنجا عڪس.
منهنجو من اُجهاميل مچ
تون دونهين جي لاٽ،
منهنجا ڳوڙها تنهنجا نيڻ،
وچ ۾ ڪاري ٻاٽ.
ڪير ڏسي ٿو تومان مون کي؟
ڪير ڏسي ٿو مون مان توکي؟
ڪير سڃاڻي؟ ڪير ٿو ڄاڻي؟
سڀ ڊهي ويون،
نقش، لڪيرون ڳوڙهن ۾،
تون ئي منهنجي آهين جواني
ڪين رهياسين پوڙهن ۾.

## سانجهي ۽ سمنڊ

لهندڙ سج جي باهہ
جنهن ۾ سڙي ٿو ڏينهن
۽ ڏينهن جا منظر
اکيون ۽ نظر
سمنڊ ڪناري ٻوڙيندڙ ٻار
نارنگي لهرون
مُهاڻي جو ڄار
ناريلن جا وڻ
ڪنارن تي،
گهونگها، سپيون، پنڊپهڻ.
کوهيڙي ۾ پري نظر ايندڙ
وکڙ ڏئي ويندڙ
ڪاري جبل ڏي رستو،
ڪشڪول وجهي ڪنڌ ۾
راهہ ويندڙ رمتو
جبل ايئن آهن، ڄڻ جهُڙ،
۽ اڳيان سمنڊ جي سطح تي
ڪونجن جو لُڙ.
رات اڃان لڙي نہ آهي،
روشني سڙي نہ آهي.
گُل شفق جا تون چُني آ
عرش ٻري ٿو باهہ ۾
۽ باهہ روشني آهي.

## پناھہ

اي ڪاٺ ڪُتا
وڻ ۾ پناھہ ڏي،
اي آکيري جا ڪک!
مون کي لڪاءِ.
اي ڪنبر جي پِڳل پت،
پٿر جي عمارت جا ڏار،
اي جيتَ،
اي مٽيءَ جا سوراخ،
پل ڳوڙهو هجان،
اي اڪ مون کي سماءِ
اي سُڪل ندي،
اي سڙيل سپ،
اي درد جا ڪارا جهُنڙَ!
بُوندُن ۾ پناھہ ڏي،
پاڻي تي وهي وڃان
ڌرتيءَ ۾ سمائجي پوان.

## ننڊ جاڳ جا خواب

جاڳ ۾
ننڊ جا خوابَ
سمهڻ نہ ٿا ڏين.
شل ڏسان
ننڊ ۾
جاڳ جا خواب.

## سمنڊ ۽ آسمان

هيٺ سمنڊ ۾
آسمان نظر اچي ٿو،
سمنڊ نيرو آهي
۽ مٿي
آسمان ايئن آهي
جيئن سمنڊ
وچ تي ماڻهو
پاڻيءَ بنا مڇيءَ جيئن
ڦٿڪي ٿو.

## پيار

بازار ۾
ڀوڻيون ۽ لوڻ
وڪامي ٿو-
تارازيءَ ۾
وٽ ساڳيا آهن،
مُلهہ بدلجي ٿو
هر شيءِ وڪامي ٿي،
نفرت جو وزن ڳورو آهي
پر
پيار توري نہ ٿو سگهجي.

## وڪڙ ڏنل پيچرو

گاهہَ مان ويندڙ
وڪڙ ڏنل پيچرو
گواهي ڏئي رهيو هيو،
”واٽهڙو سڌو هلندو
تہ ڪُوهہ ۾ ڪِرندو.“

## او ٽوبا!

سمنڊ ڪناري
چانڊوڪيءَ ۾
سج ڳولهين ٿو،
اهو تہ ٻُڏي ويو هاڻي هاڻي
سمنڊ تري ۾ ڪير تہ آهي،
جيڪو ساهہ کڻي ٿو
وقت ڳڻي ٿو.
لهرون لهرون سمنڊ هلي ٿو،
سورج نيٺ تہ اڀري ايندو
ٻڏل من کي ڪير ڳوليندو؟
جي منهنجي من کي ڳوليندين
ٽوبا تون تہ ٻُڏي ويندي،
ڏسي اندر جي اونهائي.

## تندُ وڃي ٽٽي

رُوح ۾ آهي قاتل
يڪتاري جي تَندُ
وجود جي ميڪ ۾
ٽنگيل ڪوئي ساز.
هوري هل
اي سرد هوا!
ڄميل منهنجا ڳوڙها آهن
هٿ ۾ ڪيڏا پوڙها آهن،
تندُ وڃي ٽٽي
ڇڻ ته ڏڪن ٽا.

## هيءُ اُهو شهر نہ آهي

اي ادل سومرا!
هيءُ اُهو شهر نہ آهي،
هئي هتي ڪڏهن
پرينءَ جي پيرَن جي خوشبوءِ-
گهٽيءَ جي واريءَ وٽ
هيو هڪ باغ جنهن ۾
ڪجين جا وڻ هيا،
رابيل، گيندا، رات جي راڻي
سگهارو ٻڙ،
رڪيل هيٺ مٽ، ٽڏو پاٽي.
نہ هوائون اُهي، نہ هيڪارون،
نہ پڪالي، نہ چٽڪارون،
نہ وٽجارا، نہ وٽڪار،
سونهن ڪان خالي،
چو هن شهر جا
موڪلائي ويا مالهي.
گهرن ٻاهران چندن جي چوڪٽ،
مهرابي جارن ۾ پرندڙ
ڏيئي جي وٽ،
ڏسي نيڻ ٿيا آلا
ويران گاڏي هاتا،
گئوشالا،
سنڌوءَ مٿان اُهي واڙيون،
نارا واهہ ۾ ترندڙ آڙيون.
قمر- ڪنول ۽ ڏوڏيون،
ڪنارن تي پيل ڪوڏيون،
شايد مان آهيان اجنبي،
يا شهر آهي ڪو ٻيو.
هنڌ اهو نہ رهيو،
”جت ملنداسين“
هو تو چيو.

## اڇو ڪائنات کي قبول ڪيون

اڇو ڪائنات کي قبول ڪيون،
هيءَ ڌرتي، هيءُ آسمان
ستارا ۽ سج
هي هوا،
باهه، پاڻي ۽ ٻج.
اونده ۽ سوجهرو
انسان ۽ اُن جو اولڙو.
غربت ۽ صحبت،
نفرت ۽ محبت،
ٻي ڪهڙي دنيا ڳولهيو ٿا؟
ٻي ڪهڙي ڪائنات؟
انسان اسان جو نالو آ
۽ خدا ذات.

# مان قبرُن جي وچ ۾ آهيان

مان قبرُن جي وچ ۾ آهيان،
جت يادُن جا نانگ گهُمن ٿا.
چانڊوڪيءَ ۾ منهنجي هٿ تي
ڪي لِيڪن جا نانگ گهُمن ٿا.
ذهن ۾ منهنجي سج ٻري ٿو،
۽ وارن جا نانگ گهُمن ٿا.
هو ڏس منهنجي سپني اندر
ڪنهن ڪارنهن جا نانگ گهُمن ٿا.
شايد مان نہ رهيو آهيان
پر پاڇن جا نانگ گهُمن ٿا.
اوجاڳيل اکڙين ۾ منهنجي
ڳاڙهي رنگ جا نانگ گهُمن ٿا.
رات جي رک ۾ ڪجهہ ٽمڪي ٿو
چڙُ سپنن جا نانگ گهُمن ٿا.
مان قبرُن جي وچ ۾ آهيان،
جت يادُن جا نانگ گهُمن ٿا.

## هيءَ کهڙي سردي آهي

**هيءَ کهڙي سردي آهي**
**آواز ڏکي ٿو،**
**دونهون دونهون**
**آليون اکيون**
**آليون ڪاٺيون،**
**تڙڪاٽ ڪري ٿيون باهه ٻرن**
**ڪر ڪٽي ٿا ڪاريهر جيئن**
**شعلا لُڏن**
**۽ ڏکندڙ هٿ**
**باهه چُهن.**

## هلندڙ ريل جي دريءَ مان

هلندڙ ريل جي دريءَ مان
ڪو پورو بادل
گڏ پئي هليو پريان
منهنجي سامهون واري سيٽ تي
هُن جا هيا وار گُليل
ڪنهن ڪاري ڪڪر جيان
هر شيءِ اڳتي وڌي رهي هئي.
ريل جي لوڏ ۾
سفر جي ٻوڏ ۾
هوءَ، مان ۽ پورو بادل
زندگي جهڙي ريل جو
پراڻو ڪاٺ اڏوهيءَ کاڌل
هر شيءِ آهستگيءَ سان
پوئتي سُري رهي هئي
موت جيان چُري رهي هئي،
ڊرتي،
جيڪا ريل هيٺان نڪري رهي آهي.

## عورت

هُن کي
ٻه منهن هيا
هڪڙو روئڻ لاءِ
ٻيو کلڻ لاءِ،
هن چپ رهڻ لاءِ
ٽيون منهن ڳولهيو-
ڪيس
پريان عورت
نظر آئي

## وٽن جي قطار

منهنجي
سوچن جي ملڪيت
جي آخري حد
فن جي وشال ٻنين اڳيان
بُلندين کي ڇُهندڙ
وٽن جي قطار آهي.

## آڱريون

آڱريون
ننڍيون وڏيون
نہ هجن ها تہ
هٿ
حڪمراني
ڪيئن ڪري ها؟

## اي بورچي!

اي بورچي!
بي حد
بُکايل جي اڳيان
اوٻاريل
نہ رڪجان
وات
ساڙي ويهندو!

## رنگ جي ڊُڪي

رنگ جي يڪي
تاش جو
بي رنگ بادشاهه
ماري وڌو.

## رنگ ساز

ڪيڏو به
احتياط ڪري
پر رنگ ساز کي
رنگ لڳي ويندو آهي.

## هڪ وڳو

ٻارهين ٻجي ملياسين
تون چيو:
”اچ زندگيءَ جو سفر
شروع ڪيون.“
مون ”ها“ ڪئي
۽ پوءِ هڪ وڳو.

## پيچ جي پڪڙ

ڳالهه جي مضبوطيءَ لاءِ
ڪڏهن
وڪڙ ڏئي
ڳالهائڻو پوندو آهي.
ڇو جو
ڪوڪو لڳي ته ويندو آهي
پر پيچ جي پڪڙ
پنهنجي آهي.

## ڏيئي جي لاٽ

ڏيئي جي لاٽ،
مٽان روشني،
هيٺان ٻاٽ.

## مون ۾ هُوءَ هئي

وٺي پئي
عبادت لاءِ هٿ
کڻي پئي،
هُن ۾ خدا هيو
مون ۾ هوءَ هئي.

## پڳَ

حياتي
پڳ جيان آهي
ماڻهوءَ جي
مٿي تي ويڙهيل.
ڪنهن جي ننڍي
ڪنهن جي وڏي.
ڪنهن جي اُجري
ڪنهن جي ميري.
ٻُڌن جي پاندَ سان
هر ڪو اُگهي ٿو
زندگيءَ جا ڳوڙها.

## اڌ چنڊُ

اڌ چنڊَ جو
روشن پاسو
چنڊ سمان
۽
انڌيارو پاسو
چڻ آسمانُ.

## ٻُڪَ

هُن چيو:
”ڪيئن ٿي لڳان؟“
مون چيو:
”هيڏو جسم
سايون رڳان.“

## ايمپريس مارڪيٽ

ايمپريس مارڪيٽ اندر
پڃري ۾ بند
ڪلهه مون ڏٺا
اهڙا ڪبوتر
جن جون اکيون
ڳاڙهيون هيون.

## تنهنجو اچڻ

**تنهنجي اچڻ کان اڳ**
**پاڻ سان هيس.**
**تنهنجي اچڻ کان پوءِ**
**اڪيلو ٿي ويس.**

## تنهنجو هُڳاءُ

**گُلن ۾ نہ هئي خوشبوءِ**
**خوشبوءِ هئي تنهنجي،**
**ڦهليل هر سُوءِ.**
**پوءِ جو تون وساريو**
**ڪڏهن نہ ساريو،**
**وقت جو حافظو**
**ڪمزور آ ڪيڏو،**
**ڦٽ وڄن ٿا مُڙي**
**ڪيسين اُداس ڪويل**
**ڳائي ڦاڙي نڙي.**
**وڇوڙو آهي وڍ جيان**
**۽ اوسيئڙو ڏڀ جيان،**
**پوءِ بہ وقت جي واءُ**
**وئي ويڙهي،**
**تنهنجو هُڳاءُ،**
**هاڻي آهي هر سُوءِ**
**گُل ۽ گُلن جي خوشبوءِ.**

## ڏُک

ڏُک
ڳاڙها زخمي گُل
وَنڊڻ
چڻ چڻ.
هڪ ڏينهن ونڊيو
ٻئي ڏينهن
ساڳيا ٽڙيل آهن.

## ٻار جو جنازو

پنهنجي
ٻار جي
جنازي پويان
روئندو پئي آيو
ڪنهن ٻار
جيان.

## تنهنجو مون سان پيار نہ هيو

تنهنجو مون سان پيار نہ هيو،
پر هئي ڪا پيار جهڙي شيءِ،
محبت ۽ نفرت جي ڇار ۾
اکڙين جي هيرا ڦيري،
ڇپڙن جي ڦير ڦار ۾
ٿورو فرق آهي-
شايد ڪڏهن هيا انسان
اسين صداڪار آهيون،
انسانَ نہ آهيون
انسانن جا اداڪار آهيون.
پيار تہ آهي دل جي ڳوٺل مٽي،
رنگ رت جو نہ رهيو ساڳيو
ڇو ويو آهي ڦٽي.؟
پيار ڪا ايجاد نہ آهي،
پيار تجربي گاهہ ناهي.
پيار وهندڙ واهہُ آهي،
نفرتن جي هيٺين ڪنارَن تي،
پيار سائو گاهہ آهي.
ڪا خبر نہ آهي پيارا
ڪهڙي ٿي سگهي ٿي
پيار جهڙي شيءِ؟

## سڄڻ ڏسڻ سوچون

يادُن جي باهه ۾
سڄڻ ٿيون سوچون،
ڳولهيان ان جو چهرو،
سانت جي سيني
پوهه جو پهرو.
رات، اوندهه، آواز،
سپنا پکي،
ننڊ باز.
اکيون لڳائن
ڳوڙها باهه وسائن،
ڪير وڃڻو آ
چانڊوڪيءَ جي وڻ هيٺان
۽ ستارا ٽا چٽن ٻور جيان.
رستن تي اُڏامن ٽا ڪاڳر،
پڳل شيشا، هاريل مڌ.
اونڌا ساغر،
ٽانڊا، دونهون، رک.
هوا مٺي ڪک.
ڇڏيو رستو صاف ڪيو
اي يادون مون کي معاف ڪيو.

## ناسي رات

أن جي
اڪثرين جيان رات
ڪيڏي نہ آهي
ناسي.
اونده ۾
قدمن جي آواز جيان،
تي اچي
اوٻاسي،
۽ رڪي رڪي رڳ ۾
باھ جيان
ٿي ڪنگھ مچي.
ساھ ڪٽي ٿي دمڪشي
۽ ٿو اچي آواز:
”شل هو اچي
شل هو اچي.“

## نفسُ هيو ڪُتو

ٽاڪ منجهند
ڪُتو ۽ فقير،
خشڪ چپ
پٽر ۽ نير.
سنسان گهٽي
لڳندڙ لُڪ
اُڏندڙ مٽي.
ڏرتيءَ جي اوڙاهه ۾
سڄ سڙي پيو،
ڪا نہ لڙي پيو
پاڇن جا پيا پيرَ سڙن.
۽ هو ساڳي سين هٽن
آخر ڪوئي در کُليو،
خير مليو.
نر جي گهاٽي وڻ هيٺان،
ڪائي فقير سُتو
ڇڻ نفس هيو ڪُتو.

## وڇوڙي جا رنگ

او پياري!
هئي رات
ڪيڏي ڪاري.
تو سوا
۽ صبح جيان نيراڻ،
هئي جنهن ۾
وڇوڙي جي ميراڻ.
هر طرف هيرَ ۾
ماڪ جي نير ۾،
هئي شامل
ڇهري جي پيلاڻ،
۽ ڏينهن جي اڇاڻ ۾،
هيو ٿڪ، اوٻاسي،
خماريل شام جا
جهُڪيل نيڻ ناسي.
پوءِ سانجهيءَ جي لالاڻ ۾،
اک جي آلاڻ ۾
مون ڏٺو
ڳوڙها بي رنگ هيا.

## گهڙو

مٽيءَ جو گهڙو
ساز تي
وڄندو،
هڪ ڏينهن
نيٺ ڀڄندو.

## جبلتن تي....

جبلتن تي
جبُر
سڀ کان وڏو
صبر.

## ظلم جي زمين

ظلم جي زمين
ايڏي تہ زرخيز آهي
جو نفرت جي وَل
ٿُڪ تي
ڦُٽندي آهي.

## وانگوگ

عشق ڪري ٿو توبا
ڇُهي تنهنجو ڪَنُ.
هاءِ ٻُڙي پيو ٻُاڙهي ٻُل تان
سورج مُکيءَ جو هيڊو پَن.
سُورَن ڪي ڪو ساز نہ آهي،
ڳوڙهن ڪي آواز نہ آهي.
رُوح رهي ٿو،
وقت وَهي ٿو،
لهُوءَ جيان.
آهي اجان بہ آلي
سُرخ چپن جي لالي.
سُڏڪو نہ آهي، سڏ نہ آهي،
آهي چانيل شانت،
ويڙهيل آهي ڪاغذ ۾
ڄڻ تہ ڪائي سانت
سورج مُکيءَ جي.
اُپريل اُس ۾
ڪوئي ڦٽ سُڪي ٿو.
نوڙي ڏئي ٿو ٽڏيون ڦوڪون
تنهنجي زخم تي
سج جهُڪي ٿو.
مقدر آهي خالي لفافا
ڪهڙا تحائف؟
ڪهڙا تحفا؟؟
ٿاهي سورج مُکي
ڪيڏو ٿئين ڏُکي.
زندگي آهي يوڳ
اي وانگوگ!

(وانگوگ پنهنجو ڪن ڪٽي لفافي ۾ وجهي، پنهنجي محبوبا کي تحفي ۾ ڏنو هيو.)

## دل

دل چڱل آهي
سيني ۾،
ڪوڪن سان
لڳل آهي.

## گونگي جي ٻولي

پل
ڳالهائڻ
اچي نہ اچي،
گونگي جي ٻولي
”ڳڙ ڪائي نچي.“

## اور جي تندُ

اور جي تندُ
ڇڏي نہ ٽي ڪڏهن،
ماڻهو ڳنڍيل پوءِ بہ
پُورجي ٽي جڏهن.

## تضاد

تو چيو:
”مان ساڳيو آهيان،
تون تبديل ٿي چُڪو آهين.“
تنهنجو آواز ساڳيو هيو،
لفظ بدليل هيا.
مون چيو:
”تون ساڳيو آهين،
مان تبديل ٿي چُڪو آهيان.“
منهنجو آواز بدليل هيو
لفظ ساڳيا هيا.

## يادون

ٽيپو ٽيپو ٿي
ڪِرندڙ يادون
ماڻهوءَ جي مغز ۾
ٽُنگ ڪري ڇڏينديون آهن.

## انگورن جو رس

قلم منهنجي ۾
ڪانهي ٻريل مس،
ٻريل آهي اُن ۾
ڪارن انگورن جو رس.

## انسانن جو فصل

ماڻهوءَ ڪي مٽيءَ ۾
پورڻ سان
انسانن جو فصل
نہ ڦُٽندو آهي.

## چنڊ تڪي ٿو

اوندھہ چارو
قاتل ان ۾ هڪ ستارو،
ٿر ٿر ٿر ٿر
چڻ ڏڪي ٿو
ڪوريئڙي جيان
چنڊ تڪي ٿو.

## ڏيڪارو
**(نئين صنف)**

**قبي واري**
**قبر ۾**
**پوريل هيو**
**پير.**
**مٿان ڏنل**
**مزار کي**
**هڪڙو هيو**
**چير.**
**سر ۾ سُرن جو**
**چڙهيو پئي**
**نير.**
**ڏاکڻ وٽ چائنٽ تي**
**ويٺل هيو**
**فقير.**
**ٽوپيءَ وٽ**
**تنهن کي**
**ٺهيل هيو**
**تيرُ.**

## ڏيکارو

ڏور وسي ٿو واديءَ ۾،
ٻُوندون ٻُوندون مينهن.
تيز هوائون، وڄ وراڪا،
ڇڻ تہ گجي ٿو شينهن.
ليڪون ليڪون هيٺ ڪرن ٿا،
ڪنهن جا آهن نيرَ؟
عرش ڏري ٿو، سهميل ڌرتي،
ٿا چمڪن ڪنهن جا چيرَ.
ڏيہوڙي سان ڌرتيءَ تي
ڇڻ تہ مٿان ڪا وڄ ڪري ٿي،
پاڳل واءُ گول ڦري ٿي،
رکي رکي ٿا روشن ٿين،
ڌرتيءَ جا سڀ لاها چاڙها.
ساهہُ منجهائي ويٺل سهڻ،
ڪن ڇنڊن ٿا هر هر ڦاڙها.
ٿل مٿان ٿو جل ڊُڪي
وڪڙ ڏئي ڪنهن نانگ جيان،
آهي اهڙي سانگ جيان،
ڄڻ ٿو مون کي جاڻ ڏنگي،
پاڻيءَ ڪاڌل اي مگٿا
زهر جو پيالو ڪيئن منگي.

## يحسي

**ڪتي کي**
**ڌڪ ٿيو،**
**جڏهن ڪيس**
**خبر پئي**
**تہ سندس مالڪ**
**ڪيس پيار ڪري**
**هٿ ڌوئندو آهي.**

## آرو

**اُميدون**
**آنن تي**
**آرو ڪنديون آهن،**
**خواهشون**
**ٻچا ڏينديون آهن.**

## پناهہ

**رب!**
**پناهہ ڏجان،**
**بس**
**ٻيو ڪجھ نہ ڏجان.**

## ٻانگ

**جنهن وقت ملان**
**نماز پڙهائي موٽيو،**
**ڪڪڙ**
**ٻانگ پئي ڏني.**

## احساس

اوچتي چپ
لُڙ جو
احساس
هوندي آهي.

## خواب، انسان ۽ ننڊ

خواب،
انسان ۽
ننڊ،
ٽئي هڪ ٻئي کي
ڳولهي نہ سگهيا.
انسان
خوابن پويان
پئي ڊوڙيو،
۽ ننڊ انسانَ پويان.
انسان
ٿڪجي ويهي رهيو،
۽ ٿڪيل خواب
ننڊ جي چوکٽ تي
ڇپ ڪيِ
سهڪڻ لڳا.

## ڏک

ڏک
ڪاري ڪڪر
جيان آهي،
روئڻ ۾ آهي
مينهن جي
خوشبوءِ.

## سرڪش ڏُک

ڏک اهڙو ٻوٽو آهي،
جنهن جا گُل
چنڊ سان
گهاٽا ٿين ٿا.

## زندگي

زندگي
موت جي
ماءُ آهي.
هڪ
ناراض شخص
زندگيءَ کان
بدلو وٺڻ لاءِ
خودڪشي ڪري
سندس
پُٽ کي ماري وڌو.

## سلسلو

شايد
هتان هلي ٿو؟
هُتِ ڪُڻي ٿو؟
ڪٿِ ٺُني ٿو؟
ڪٿِ ملي ٿو؟
بندو سوچي ٿو،
خدا ڪِلي ٿو.

## ٻاڇو

سچ
اپرڻ سان
منهنجو ٻاڇو
وجود جي ڳولها ۾
شهر ويو-
گهٽين ۾ رُليو،
سچ لهڻ ڪان پوءِ
مون کي ڳولهيندو
واپس پهتو.
مان
ٻاڇي ۾
تبديل ٿي چُڪو هوس.

## تنهنجي ياد

تنهنجي ياد
دُکي ٿي دل ۾
سگريٽ جيان.
اڪيلائي
ڏاڍي بُري عادت آهي.

## انب جو وڻ

ڪنهن اَڻ مُندائتو
پتر ڪٽي
انب جي وڻ کي وَهائي ڪڍيو
لڙڪندڙ پن چيو:
”انتظار!
پترن جي موسم پري آهي.“

## محبوبا

اي موڪلائي ويل
محبوبا!
مينهن ۾
تنهنجي ويڇهڙائپ
وڌي ويندي آهي.
جهُڙ بنا
آسمان ڏاڍو پري آهي.

## مٿي جي خارش

مٿي ۾ خارش ٿئي
ته ماڻهو
ٻئي جو مٿو نه کنهندو آهي.
ايئن ڪرڻ سان
هو سڄي زندگي
پنهنجو مٿو
ڳولهيندو رهندو.

## شارٽ ڪٽ

هُن شارٽ ڪٽ پڇيو،
ڪنهن ڪيس
رستي جي ايڏي وضاحت ڪئي
جو هن جا همسفر
تنهن وقت تائين
ڏِکي رستي کان ٿيندا
وڃي منزل کي پهتا.

## ماءُ

مان
جنهن پلنگ تي
سمهندو آهيان،
ان تي
منهنجي ماءُ جو
موت واقع ٿيو.
ڪمبل،
ماءُ جي ٻانهن جهڙو
گرم آهي،
۽ وهاڻو
اُن جي دل جهڙو نرم.
سمهڻ کان پوءِ
اُها مون کي
خوابن ۾
دُعائون ڏيڻ ايندي آهي.

## نفي

ڊرامي جي آخري سِين ۾
هڪ ايڪسٽرا اداڪار جيئن
مان اُن گهڙيءَ جو
انتظار ڪري رهيو آهيان،
جڏهن
اسٽيج تي اچي چوندس:
”تون ڊرامي جي پهرئين سِين ۾
جيڪي ڪجهه چيو،
ان جي نفي ڪندي چوان ٿو تہ
”تنهنجي چوڻ ڪان اڳ
اهو سڀ
مان پهريون ئي
چئي چڪو هيس.“

## سڄاڻ

تون منهنجي اکيان آهين
۽ روشني پويان،
شايد
تون مون کي سڃاڻي نہ سگهين!
جڏهن روشني تو پويان هوندي،
شايد
مان توکي سڃاڻي نہ سگهان!!
سڃاڻڻ لاءِ
روشني ضروري تہ نہ آهي.

## نيپيئر جي وئشيا

نيپيئر جي
هڪ وئشيا
ستر راتين مان
هڪ رات
خيرات ۾ ڏيندي آهي.
ڪيس پڪ آهي-
هڪ رات عيوض
ستر راتين جو
گناهه بخشيو ويندو.

## بگيءَ وارو

وئشالي ڀرسان رهندڙ
بگيءَ وارو
جڏهن
زال سان وڙهندو آهي،
ٻاهر نڪري
گهوڙي جي منهن تي
پيار سان
هٿ ڦيريندو آهي.

## حاجي

**هُو حج ڪان پوءِ**
**ڪيڏو بدلجي چُڪو آهي،**
**سندس چهرو**
**غلاف جهڙو**
**۽ دل حجراسود آهي.**

## جراثيم

**پيارُ**
**پُراسرار بيماري آهي**
**۽ پيار جي افواهه**
**جراثيم جيان**
**ڦهلجي ٿو.**

## تجسُسُ

**هُو**
**هُن کي**
**ڪڏهن ڏسي نہ سگهيو.**
**جڏهن**
**ٻار هئي هن جو چهرو**
**معصوميت سان ڍڪيل هيو**
**جڏهن جوان ٿي**
**پردي سان ڍڪيل هيو،**
**جڏهن پوڙهي ٿي**
**گهنجن سان ڍڪيل هيو.**

## آسيب

جيڪي نظر اچي
غيب آهي،
جيڪي ڏڪيل هجي
عيب آهي،
جيڪو وڇڙي
پيار جيان
اُهو آسيب آهي.

## رات ڪُتي ٿي

اکيون
نظر جو
ٻج ته آهن.
ڳوڙها ڳوڙها
پاڻي پاڻي
ريج اچي ٿو
نظر ڦُٽي ٿي
رات ڪُتي ٿي.

## دوست

**جنهن ڏينهن ڇايو**
**هن سان گڏ**
**هڪ دشمن ڇايو**
**هڪ دوست.**
**سڄي حياتي**
**اُهي وڙهندا رهيا-**
**دوست دشمن کي مات ڏني**
**تہ هو جيئرو رهيو-**
**جڏهن دشمن دوست کي**
**مات ڏني**
**هُو مري ويو.**

## آزادي

**هُو آزاد آهي،**
**يا مان؟**
**هُو قيد آهي**
**يا مان؟؟**
**بند دروازي جي**
**چاٻيءَ واري سوراخ مان**
**مون ڏٺو**
**اک پڇي نظر آئي.**

## سمنڊ جو انت

اچ!
سمنڊ جو
انت ڳولهيون،
جتي
دنيا آهي.

## وڻ جو پاڇو

هُو نہ سهڻو هيو
نہ ڪوجهو-
نہ ڊگهو هيو
نہ ڊينڊو،
نہ ٿُلهو هيو
نہ سنهو،
هُو وڻ هيٺان بيٺل
وڻ جو پاڇو ئي تہ هيو.

## ڪوڙو خوابُ

جڏهن اڻ ڏٺل چهرو
خواب ۾ اچي
۽ ساڃيو چهرو
سُجاڳيءَ ۾ اچي،
تہ خواب
ڪوڙو ٿي پوندو آهي.

## آڪاشواڻا

هڪ رات
ڪيس آواز آيو:
”وات کول
اکيون بند ڪر.“
هُن ائين ڪيو.
ٻئيءَ رات
ڪيس آواز آيو:
”وات بند ڪر
اکيون کول.“
هُن ائين ڪيو.
ٽئينءَ رات
ڪيس آواز آيو:
”هٿ بند ڪر
ڪن کول.“
هن ائين ڪيو.
چوٿينءَ رات
ڪيس آواز آيو:
”هٿ کول
ڪن بند ڪر.“
هُن هٿ کوليا
۽ ڪنن کي ڏئي ڇڏيائين
پوءِ ڪيس ڪو به آواز نه آيو.

## وايون ٻتال

مُلڪ جي بادشاهہ کي
هڪ ڪان سواءِ
سڀني جي خبر هئي،
وري مُلڪ ۾
هڪ ڪان سواءِ
ڪنهن کي
بادشاهہ جي خبر نہ هئي.
جنهن کي
بادشاهہ جي خبر نہ آهي
ان جي
مون کي خبر آهي،
پر
جنهن کي
منهنجي خبر نہ آهي
اُهو تون آهين.

## بازُ

آسمان ۾ باز
اوچائيءَ تي
اُڏامي رهيو هيو،
۽ هيٺ پکي جيئن
سندس ڪنين ۾ ٻڌل هيا.

## وڏو ماڻھو

هُو ايڏو تہ
وڏو ماڻھو ٿي ويو
جو هڪ ڏينهن
هن پنهنجي ڪُلهي تي چڙهي
آپگهات ڪيو.

## غلطي

غلطيءَ سان
فوني جي چاٻي
گهڙيال کي اچي وئي،
گهڙيال
مستقبل جي
خوشيءَ جو گيت ٻُڌايو
۽
گهڙيال جي چاٻي
فوني کي اچي وئي،
۽ فوني
ماضيءَ جو
دُکدائڪ وقت ٻُڌايو.

## ستون رنگ

آسمان جو رنگ
منهنجو ستون رنگ آهي
باقي ڇهہ رنگ
منهنجا مِٽيءَ ۾
ملي چُڪا آهن.

## لالٽين

**لالٽين**
**يادُن جي دونهين ۾**
**ڪارو ٿي چُڪو آهي.**
**ميڻ بتيءَ جو شعلو**
**ڳوڙهي جي**
**قطري جهڙو آهي،**
**بلب نرڇو**
**جهڙو آهي**
**تهڙو ناهي.**

## ٽيڙو

**وڏڦڙو وسڪار**
**ننگر مِٽيءَ راهہ تي**
**ڪرهن جي قطار.**

**سيءَ ۾ ڏڪي پيو**
**پوڙهو ٽڏي پاٽيءَ سان**
**گوري ڦڪي پيو.**

**مينهن وسي پيو،**
**ڇٽيءَ هيٺان ڇوڪري،**
**مرد ڏڪي پيو.**

**ڇوڙي پنهنجا وار،**
**مُڙس ڪان ڪاوڙجي**
**سمهي پئي ڏار.**

ويو ڀَئي ٽِڪو
اوچتو رُڪجي روڊ تي
ڪيائين سِڪو.

ٻليءَ ڪان ڇرڪي،
ناريءَ مڇي هٿ ۾،
لوڻ ڀَئي ٻُرڪي.

مينديءَ رتڙا،
هٿ ۾ پيرَ ڪنوار جا،
لڳن پتڪڙا.

جاءِ ڀِڳل،
ٻاهران شاعر نانءَ جي
تختي لڳل.

سامهون ٻتيلا،
مندر، ٻائو، مورتي،
اندر اڪيلا.

## ڪمرو

ٻارنهن باءِ اٺ
اولهه واري ڪُنڊ ۾،
پيل پُراڻي کٽ.
اُن تي وڇايل
ٽڪ ڀريل
آهي پُراڻي رلي
مٿان لڳل ڪلي،
لڙڪندڙ ليڙون قميص،
زخمي پينٽ
ڄڻ صليب تي لٽڪيل آئون،
تو ۾ اٽڪيل آئون.
ٻري ٿو ايئن سيور
ڄڻ ڦهليل
روشنيءَ جو سينور.
پٽ کي تيڪ ڏئي
سوچن ٿيون ٻانهون کولي
ٻه اُداس ڪُرسيون،
ويهندا هيا سڄڻ هتي،
ٿينديون هيون ڪچهريون.

## وقت

**گهڙيال در مٿان لڙڪيل**
**وچ تي چيِر**
**شيشو ڦِڪل.**
**منهنجي دل سان رِيس ڪري ٿو،**
**وقت ڪيڏا ڪِيس ڪري ٿو.**
**منهنجو من،**
**ريڪ تي رکيل خالي ماچيس،**
**سڀ حسرتون سڙي ويون**
**سڀ تيليون ٻري ويون.**
**ٽيبل جي خاني ۾**
**هڪ مُئل ميڻ بتي**
**جيڪا اُن خواهش ۾ ورتي،**
**تہ ڪڏهن آسمان تي چمڪندي**
**اُميدُن جي ڪتي.**
**ڪٻٽ جو هڪ خانو**
**ڀريل آهي دوائن سان،**
**ٻيو خالي خانو ڀرڻ چاهيان ٿو**
**تنهنجي دُعائن سان**
**وقت لنگهي ٿو**
**اُتر واري دريءَ مان**
**پيرن ۾ پائي**
**منهنجو بوٽ چورائي.**

## ريگستان

منزل جي ڳولها ۾
ڪنهن اڻ ڏٺ ڪوهستان ڪان پوءِ
ڪو در نظر آيو.
مون اڳتي وڌي در کوليو،
ڀئي پاسي
اڻ ڏٺ ريگستان هيو.

## هڪ سوال

هُو پُڇي ٿو
”اي عاشق!
سيني اندر ڪٿي آهي دل
ڇا ڪٻي آهي
يا سڄي آهي؟“
مان سوچيان ٿو
”اي مسافر
سيني اندر
دل ڪٿي هوندي آهي!“

## وڃايل پکي

شهر ۾
وڃائجي ويل پکيءَ
ماڻهوءَ کان
جهنگ جو رستو پُڇيو
ماڻهوءَ چيو:
”اي پکي!
شهر کان وڏو جهنگ
ڪهڙو آهي؟“

## انتظار

رات
چنڊ ستارن هيٺان
سمهي،
مون خواب ۾
ننڊ جو
انتظار ڪيو.

## پِتي جي ڪڙاڻ

اُهو مهاڻو
ڪهڙو مهاڻو؟
جنهن ڪان
مڇي صاف ڪندي،
پتي جي ڪڙاڻ
رهجي وڃي.

## ٻاڇي جي ڄر

اُس تيز هئي
وڻ سڙيو پئي
هيٺان
ٻاڇي جي ڄر ۾
ماڻهو ڪڙهيو پئي.

## موڪلاڻي

چاتيءَ تي رکي ڪنڌ
جڏهن تو موڪلايو
سيني تي رهجي ويا
وارن جهڙا
سنها چيرَ.

## پاڙون

**نم چيو:**
**”محنت ڪش پاڙون**
**ڌرتيءَ ۾**
**ڳُتل هونديون آهن.“**

**ٻڙ چيو:**
**”ٻُڪايل پاڙون**
**هوا ۾ لڙڪي**
**ڌرتي ڳولهينديون آهن.“**

**ٻي پاڙي ول چيو:**
**”استحصالي پاڙون**
**وجودَن کي ويڙهي**
**رت چوسينديون آهن.“**

**مني پلانٽ چيو:**
**سرمائيدار پاڙون**
**ڌرتيءَ ۾ نہ بيٺل پاڻيءَ ۾**
**جنم وٺنديون آهن.“**

## ڪوتاسڪا

سکر بکر جي پر ۾
ٿي شهر
پر برباد
ٿئين ۾ ڪو هيو ئي ڪو نہ۔

جتي ڪو هيو ئي ڪو نہ
اُتي هيا ٿي شاعر
پر گُونگا
ٿئين ڳالهايو ئي ڪو نہ.

جنهن ڳالهايو ئي ڪو نہ
اُن ٻُڌايا ٿي نثري نظم
پر ڏُکيا
ٿيون سمجهيو ئي ڪو نہ.

جيڪو سمجهيو ئي ڪو نہ
شايع ٿيو رسالي ۾،
پڻ وڪيو
ٿئين پڙهيو ئي ڪو نہ.

جنهن پڙهيو ئي ڪو نہ
اُن ڏنا ٿي سڪا،
پر ڪوٽا
ٿيون هليو ئي ڪو نہ.

## چار سِٽون

**پياري!**
**تو ڏانهن چٺي لکڻي هئي،**
**سوچيم:**
**لکڻ کان اڳ مشق ڪيان-**
**جيئن**
**چار سٽون چڱيون لکي سگهان.**
**مون مشق ڪئي،**
**۽ لوڪ ٽو چوي:**
**”تون ٽي ناول، شاعري ۽**
**ڪئي ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا آهن.“**
**پر**
**تو ڏانهن چئن سٽن لکڻ جي**
**مشق جاري آهي-**
**شل**
**چار سٽون چڱيون لکي سگهان.**

## ڪتي جو نسل

منهنجي
پاليل ڪتي جو
ستون نسل
جوان ٿي چُڪو آهي-
اُن جا ڳڻَ
پهرئين نسل جا
اکيون ٻئي نسل جون
ڏند ٽئين نسل جا
نڪ چوٿين نسل جو
چنگهون پنجين نسل جون
وات ڇهين نسل جو آهي.
اهو نسل در نسل
ڪتو آهي.

## شيطان

مون سڄي زندگي
شيطان جو تعاقب ڪيو.
اُهو ڪنڌ ورائي
ڏسي ها تہ
فرشتو ٿي پوي ها،
۽ مان خدا.

## مهربان

رب
ڪيڏو مهربان آهي جو
ڏک، درد،
الميا، هاڃان،
بُک، بدحالي،
نفرتون، حادثا،
بغير گهُرَڻ جي ڏئي ٿو.

## اي ڪاسائي

اي ڪاسائي
جگر چيريندي
پٽي جو خيال ڪجانءِ-
ان جو قاتڻ
تنهنجي فائدي ۾ ناهي.

## بيوقوف

بيوقوفُ
عقل هوڙ سان
مغز ئي ڪائي سگهي ٿو.

## وڇوڙو

تنهنجي سرمستيءَ ۾
شامل ٿيڻ لئي
سچي واٽ
پاڻ کي گهليندو
تنهنجي در آيو آهيان.
سنيال!
وڇوڙو پويان سڏي ٿو.

## مُدافعت

ارتقا مدافعت جو
ردِ عمل آهي.
نسلن جو آواڳُون آهي.
وجود جو انقلاب،
عضوَن جي
تبديليءَ جي رُونمائي.
هڪ جدوجهد جيڪا
بقا فراهم ڪري ٿي،
پر شايد!
جذبن حالتن سان
مفاهمت ڪئي آهي.
مُدتن کان ڀوڳنائن ۾
خبر نہ آهي ڇو
ڳوڙها سُڪن ئي ڪو نہ ٿا.

## عشق جي عدالت

مان مُدعي
حسن جو دعويدار آهيان.
تنهنجي
وجود جي موجودگيءَ جو
گواهه آهيان.
اي منصف!
پيار جي ضمانت
قبول ڪر ۽
محبت جي سزا ڏي
جيئن
خوف کان آزاد ٿي سگهان.

## قسمت جي لڪير

هٿ ترىءَ تي
ٿوهر جي ڪنڊي جي رهڙ کي
نجوميءَ
قسمت جي لڪير سمجهي چيو:
هڪ ڏينهن گلابن جا گُل پٽيندين.“

## غربت

**ڪنهن چور جيان**
**ٽيڏي اک ڪري**
**تنهنجي غربت ڏي نهاريان ٿو.**
**خوف ٿئي ٿو،**
**تنهنجي**
**عزتِ نفس کي متاثر ڪندي**
**ضمير هٿان**
**پڪڙجي نہ پوان.**

## ٻڏل ٻيڙي

**گهڻي دير کان**
**ٻانهون ٻڌي**
**تنهنجو انتظار ڪري رهيو هيس.**
**تون آئين ۽**
**هٿ ٻڌي چيو:**
**”معاف ڪجانءِ**
**زماني منهنجا پير ٻڌي ڇڏيا هيا.“**

## روز گار

**روز روز**
**روزگار گهُران ٿو-**
**بدلي ۾**
**روز گار ڏئين ٿو.**
**چوين ٿو:**
**"غريبن دنيا کي گندو ڪيو آهي."**
**پر سچ تہ اهو آهي**
**نابرابريءَ جي طبقاتي سماج ۾**
**امير ۽ غربت جي**
**ڪرفٽيءَ جو مقدار بہ سا ڳيو نہ آهي.**

## اي عشق

**اي عشق!**
**تنهنجي حسن جي تاب کان**
**ايڏو ڊنل آهيان**
**جو**
**پاڻ ۾ لڪيل آهيان.**

## درد جو راز

**درد جو راز**
**دل اندر دفن هيو،**
**ڪنهن کي**
**خبر پوي ها!**
**جي ڳوڙها وَهي**
**غداري نہ ڪن ها.**

## اي مسافر

اي مسافر!
جبل جي چوٽيءَ ڏي
جيڪو رستو آهي،
اُهو ئي لاهي آهي،
اُهو ئي چاڙهي آهي.

## سچ ۽ ڪوڙ

اسين
غلطيءَ سان سچ ڳالهائيندا آهيون ۽
ايمانداريءَ سان ڪوڙ.
ڪڏهن غلطيءَ سان
ايمانداري ڪري وجهون ته
ڪوڙ سچ ٿي سگهي ٿو.

## سبب

سبب، سب لاءِ ئي هوندو آهي-
سڀ ڪان پهريون
بي سبب
هڪ سبب پيدا ٿيو،
سبب ۾ سئو سوال هيا
۽ سوال ۾ هزارين سوال.
هر سوال جو جواب
وري هڪ سبب هئو-
جڏهن سوال ختم ٿي ويندا
ته رهجي ويل
جوابن جو وجود
بي سبب ٿي ويندو.

## اونده جو خوف

اونده جي خوف کان
سڀ در بند ڪري،
ڪمرو،
منهنجيءَ ڳُنڍ ۾
لڪيل هيو.

## دل جو پهريون حرف

درد جو غلام آهيان
ان جي در جو نوڪر-
درد جي حڪم تي
دل اندر خوشي ٿئي ٿي،
مان درد جو در آهيان
۽ ”د“
دل جو پهريون حرف.

## حسرت

ايڏو شفاف آهين.
تنهنجي وجود مان
نظرون پار ٿي
چنڊ تي پون ٿيون-
پر چنڊ ڏسڻ
منهنجي حسرت نہ هئي.

## ڌرتيءَ جو ڏوهہ

سنو ٿيو ڪنڌ هيٺ هيو،
ڌرتي ڏسي رهيو هيس-
مٿي هجي ها تہ
ڌوڙ جو ننگو ناچ ڏسي
ڌرتيءَ کي ڏوهہ ڏيان ها.

## اي آمر!

اي آمر!
حڪم ڏي
مُنڊي لاهي
تنهنجيءَ تي رکان.

## نقطو

”دل“ ۾
پل نقطو نہ هجي،
پر دل ”جسم“ جو
واحد نقطو آهي.

## سچ ۽ ڪوڙ

افسوس
تو ڏانهن ايندي ايندي
سنڀاليندي سنڀاليندي
اکيون ڪٿ ڪري پيون،
ڪا خبر نہ هئي.
دل قاتل آهي.

## مُلڪن جي ترقي

مُلڪن جي
ترقيءَ جو گراف
اهڙي ڏاڪڻ آهي،
جنهن تي قومون چڙهي
ٻئي پاسي ڪرن ٿيون.

## خيال

اهڙو خيال آهيان
جيڪو تنهنجي
وارن جيان ويڙهجي
اڱڻ جي پٽ ۾
ڪنهن سوراخ اندر
لڪيل آهيان.

## فطرت

فطرت
ساهه واري سان صلاح ڪري
تبديل ٿئي ٿي.
ساهه وارو صلاح قبول ڪندي
فطرت تي پوي ٿو.

## ڇهري جا ڳهُنج

وقت سر وقت
وقت جا ننهن
ڪٽيندو اچي ها!
تہ ڇهري تي اڄ
رانپوٽن جا نشان
ڇو ڏسين هان؟

## انسان جو ڏنگ

نانگُ زبان ڏيکاري
ڏندن سان ڏنگيو-
انسان! ڏند ڏيکاري
زبان سان ڏنگيو.

## سڪي جا ٻہ پاسا

سڪي جا
ٻہ پاسا
هڪ تي ليڊر
ٻئي تي مُلهہ.

## وڄ ڪري

وڄ ڪري
سڀ سڙي ويو
ڇڙو هڪ وهاڻو
بچي ويو-
جنهن تي هُوءَ
ڳوڙها ڳاڙيندي هئي،
سُڏڪا ڀري
روئندي هئي.

## غلطي

**اي خدا!**
**حياتيءَ ڏي**
**زندگيءَ جون غلطيون**
**درست ڪيان.**
**شل دُعا قبول پوي،**
**امر ٿي ويندس،**
**ڇو جو**
**زندگي پاڻ**
**غلطي آهي.**

## ماڪوڙا

**ماڪوڙا**
**ڪاري يونيفارم ۾**
**قطار ڪيون**
**فوجين جيا ٿي ويا،**
**پر**
**لانگ بوٽن ڪان**
**پئي ڇرڪيا.**

## ڏاند

**ڏاند**
**چار ڏينهن**
**مالهه ۾ ڦريو،**
**پوءِ**
**ڏيڏر جي چوڻ تي**
**گُوهه ۾ ڪريو.**

## ڪاوڙ

ڪاوڙ
گهُٽو ڏئي
ساهه ڪڍي ڇڏيو-
ڪوڙ چيو:
”مان جيئرو آهيان.“

## غربت جو احساس

ڦاٽل لٽن هيٺان
غربت جي احساس کان
جسم
ڪيڏو گرم آهي!

## ڪاغذ جو ٽڪرو

ٽڪڙ ۾ هٿ آيل
ڪاغذ جي ٽُڪري تي،
مون لکيو:
”وقت نہ آهي،
اي هوا!
خيال ڪجانءِ.“

## تو بن ۽ تو سان

تو بن هڪ رات
پنجاهہ سالن تي
مشتمل آهي!
توسان گڏ
پنجاهہ سال
هڪ رات برابر آهن-
منهنجي جواني
۽ پوڙهائپ جو مالڪ
تون آهين.

## اي زندگي!

اي زندگي!
حياتيءَ جي سرد صبح جو
وقت جي منهن تان
ڪمبل آهستي سورِ-
مان هڪ رات ۾
ستر سالن جو ٿي چُڪو آهيان.

## خدا جي تارازي

خدا جي تارازيءَ جا
ٻہ پُڙ،
مظلوم جا
هٿ ئي تہ آهن.

## اديب جو ڪتاب

عظيم اديبَ
......... جو ڪتاب پڙهي
سوچي، مُٺ بند ڪري
مٿان رکيم.
بند مُٺ جون چار آڱريون
عجب جون نشانيون هيون،
۽ مُٺ ۾ بند آڱوٺو هيو.

## ڌرتيءَ جو ڪنارو

اي! وارثيءَ جي
ورهاست ڪندڙ
موروثي اثاثن جا مالڪ،
حسن جي جاگير ۽
عشق جا دائي،
ياد رک-
اسان جي ميراث
الڳ نہ آهي،
ڇو جو
جيڪو سمنڊ جو ڪنارو آهي
اُهو ئي ڌرتيءَ جو ڪنارو آهي.

## بُت

دهريي
بُت ٺاهيو،
۽ چيو:
”بُت ڏسي يقين ڪيو
خدا ڪونهي.“

## ڏائڻين جو ميلو

اُت فقير!
تنهنجي در تي
ڏائڻين جو ميلو آهي.
در کول،
تنهنجي سونَ جهڙي دل
ڪير ڇٻاڙي سگهندو؟

## تاريخ

تاريخ ۾
ڪڏهن ڪو
انسان پيدا ٿيو
۽ اسين
ان انسان جي
اداڪاري ڪندي
جيئون ٿا.